SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

سنڌ آرڊيننس نمبر XVII مجريه 1993

SINDH ORDINANCE NO.XVII OF 1993

شگر فيڪٽريز ڪنٽرول (سنڌ ترميم) آرڊيننس، 1993

THE SUGAR FACTORIES CONTROL (SINDH AMENDMENT) ORDINANCE, 1993

فهرست (CONTENTS)

تمهيد (Preamble)
دفعات (Sections)
1. مختصر عنوان ۽ شروعات
Short Title and commencement
2. 1950 جي ايڪٽ XXII جي ترميم
Amendment of Act XXII of 1950
3. 1950 جي ايڪٽ XXII جي دفعه 2 جي ترميم
Amendment of Section 2 of Act XXII of 1950
4. 1950 جي ايڪٽ XXII جي دفعه 8 جي ترميم
Amendment of Section 8 of Act XXII of 1950
5. 1950 جي ايڪٽ XXII جي دفعه 10 جي ترميم
Amendment of Section 10 of Act XXII of 1950
6. 1950 جي ايڪٽ XXII جي دفعه 12 جي ترميم
Amendment of Section 12 of Act XXII of 1950
7. 1950 جي ايڪٽ XXII جي دفعه 13 جي ترميم
Amendment of Section 13 of Act XXII of 1950
8. 1950 جي ايڪٽ XXII جي دفعه 14 جي ترميم
Amendment of Section 14 of Act XXII of 1950
9. 1950 جي ايڪٽ XXII جي دفعه 14-A جي ترميم
Amendment of Section 14-A of Act XXII of 1950
10. 1950 جي ايڪٽ XXII جي دفعه 15 جي ترميم

Amendment of Section 15 of Act XXII of 1950

11. 1950 جي ايڪٽ XXII جي دفعه 16 جي ترميم

Amendment of Section 16 of Act XXII of 1950

12. 1950 جي ايڪٽ XXII جي دفعه 17 جي ترميم

Amendment of Section 17 of Act XXII of 1950

13. 1950 جي ايڪٽ XXII جي دفعه 18 جي ترميم

Amendment of Section 18 of Act XXII of 1950

14. 1950 جي ايڪٽ XXII جي دفعه 21 جي ترميم

Amendment of Section 21 of Act XXII of 1950

15. 1950 جي ايڪٽ XXII جي دفعه 22 جي ترميم

Amendment of Section 22 of Act XXII of 1950

16. 1950 جي ايڪٽ XXII جي دفعه 23 جي ترميم

Amendment of Section 23 of Act XXII of 1950

سنڌ آرڊيننس نمبر **XVII** مجريه **1993**

SINDH ORDINANCE NO.XVII OF 1993

شگر فيڪٽريز ڪنٽرول (سنڌ ترميم) آرڊيننس، **1993**

THE SUGAR FACTORIES CONTROL (SINDH AMENDMENT) ORDINANCE, 1993

[25 نومبر 1993]

تمهيد (Preamble)

آرڊيننس جنهن ذريعي سنڌ ۾ لاڳو ڪرڻ لاءِ شگر فيڪٽريز ڪنٽرول ايڪٽ، 1950 ۾ ترميم ڪئي ويندي؛

جيئن ته سنڌ ۾ لاڳو ڪرڻ لاءِ شگر فيڪٽريز ڪنٽرول ايڪٽ، 1950 ۾ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي، جيڪا هن ريت هوندي؛

۽ جيئن ته صوبائي اسيمبلي جو اجلاس هلندڙ نه آهي ۽ سنڌ جو گورنر مطمئن آهي ته موجوده حالتن ۾ هنگامي قدم کڻڻ ضروري ٿي پيو آهي؛

هاڻي، تنهن ڪري، اسلامي جمهوريه پاڪستان جي عبوري آئين جي آرٽيڪل 128 جي شق (1) تحت مليل اختيارن کي استعمال ۾ آڻيندي سنڌ جي گورنر هيٺيون آرڊيننس جوڙي نافذ ڪرڻ فرمايو آهي؛

مختصر عنوان ۽ شروعات

Short Title and commencement

1.(1)هن آرڊيننس کي شگر فيڪٽريز ڪنٽرول (سنڌ ترميم) آرڊيننس، 1993 سڏيو ويندو.

(2)اهو فوري طور لاڳو ٿيندو.

1950 جي ايڪٽ XXII جي ترميم

Amendment of Act XXII of 1950

2.سنڌ ۾ لاڳو ڪرڻ لاءِ شگر فيڪٽريز ڪنٽرول ايڪٽ، 1950 ۾، جنهن کي هن ڪانپوءِ ڇاڻايل ايڪٽ سڏيو ويندو، ان ۾، لفظ "صوبائي" جتي به اچي، ان کي ختم ڪيو ويندو.

1950 جي ايڪٽ XXII جي دفعه 2 جي ترميم

Amendment of Section 2 of Act

XXII of 1950

3.ڇاڻايل ايڪٽ جي دفعه 2 ۾:

(i)شق (e) ۾، لفظن ”۽ جيڪو ڪمند ۽ آبادگار ڪوآپريٽو سوسائٽي“ کي ختم ڪيو ويندو؛

(ii)شق (f) کي ختم ڪيو ويندو؛

(iii)شق (h) ۾، انگ ۽ لفظ ”30 جون“ لاءِ انگ ۽ لفظ ”15 اپريل“ کي متبادل بڻايو ويندو؛

(iv)شق (i) ۾، لفظ ”خالي ميدانن جي مقصد لاءِ“ کي ختم ڪيو ويندو؛

(v)شق (i) کانپوءِ هيٺين نئين شق شامل ڪئي ويندي:

”(i-a) ”حڪومت“ مطلب سنڌ حڪومت“؛

(vi)شق (m) کي ختم ڪيو ويندو؛

1950 جي ايڪٽ XXII جي دفعه 8 جي ترميم

Amendment of Section 8 of Act XXII of 1950

4.ڇاڻايل ايڪٽ جي دفعه 8 جي شرطيه بيان ۾، لفظ ”شروعات“ ۽ لفظ ”پيڙائي“ وچ ۾ لفظن ”۽ ختم“ کي شامل ڪيو ويندو؛

1950 جي ايڪٽ XXII جي دفعه 10 جي ترميم

Amendment of Section 10 of Act XXII of 1950

5.ڇاڻايل ايڪٽ جي دفعه 10 جي ذيلي دفعه (2) ۾، لفظن ”ڊويزن جو ڪمشنر“ کي تبديل ڪيو ويندو.

1950 جي ايڪٽ XXII جي دفعه 12 جي ترميم

Amendment of Section 12 of Act XXII of 1950

6.ڇاڻايل ايڪٽ جي دفعه 12 ۾، لفظن ”۽ ڪمند آبادگار ڪوآپريٽو سوسائٽيز“ کي ختم ڪيو ويندو.

1950 جي ايڪٽ XXII جي دفعه 13 جي ترميم

Amendment of Section 13 of

Act XXII of 1950

7.ڇاڻايل ايڪٽ جي دفعه 13 ۾:

(i)ذيلي دفعه (1) کي ختم ڪيو ويندو؛

(ii)ذيلي دفعه (2) لاءِ هيٺين ريت متبادل هوندو:

"(2)فيڪٽري جو مالڪ جنهن لاءِ ايراضي مخصوص ڪئي وئي آهي، اهو ڪمند آبادگار کان ڪمند اهڙيءَ صورت ۾، اهڙن شرطن ۽ ضابطن تحت ۽ اهڙي تاريخ تي خريد ڪرڻ جو معاهدو ڪندو، جيئن بيان ڪيو ويو هجي."؛

1950 جي ايڪٽ XXII جي دفعه 14 جي ترميم

Amendment of Section 14 of Act XXII of 1950

(iii)ذيلي دفعه (3) ۾، لفظن "خريد ڪندڙ ايجنٽ طرفان يا" کي ختم ڪيو ويندو؛

(iv)ذيلي دفعه (4) لاءِ هيٺين ريت متبادل هوندو:

"(4)مخصوص ڪيل ايراضي ۾ پوڪيل ڪمند، ڪمند پوڪيندڙ کان سواءِ ڪنهن ٻئي شخص طرفان وڪرو نه ڪيو ويندو".

8.ڇاڻايل ايڪٽ جي دفعه 14 ۾:

(i)ذيلي دفعه (ii) لاءِ هيٺين ريت متبادل هوندو:

"(ii)فيڪٽري جو مالڪ جنهن جي لاءِ ايراضي ڏني وئي هجي، ڏنل ايراضي ۾ ڪمند آباد ڪندڙن سان ڏنل ايراضي ۾ اهڙي مقدار ۾ ڪمند خريد ڪرڻ، اهڙيءَ طرح، اهڙين شرطن ۽ ضابطن موجب ۽ اهڙي تاريخ تي لاءِ معاهدو ڪندو، جيئن بيان ڪيو ويو هجي."؛

1950 جي ايڪٽ XXII جي دفعه 14-A جي ترميم

Amendment of Section 14-A of Act XXII of 1950

(ii)ذيلي دفعات (iii)، (iv) ۽ (iv) کي ختم ڪيو ويندو؛

(iii)ذيلي دفعه (vi) لاءِ هيٺين ريت متبادل هوندو:

"(vi)ذيلي دفعه (1) تحت حڪم خلاف اپيل حڪومت کي ڪئي ويندي.".

1950 جي ايڪٽ XXII جي دفعه 15 جي ترميم

Amendment of Section 15 of Act XXII of 1950

9.ڇاڻايل ايڪٽ جي دفعه 14-A ۾، لفظن "يا ڪمند

آبادگار ڪوآپريٽو سوسائٽيز” کي ختم ڪيو ويندو.

1950 جي ايڪٽ XXII جي دفعه 16 جي ترميم
Amendment of Section 16 of Act XXII of 1950

10.ڄاڻايل ايڪٽ جي دفعه 15 ۾:
(i)شق (b) ۽ (c) کي ختم ڪيو ويندو؛
(ii)شرطيه بيان ۾، لفظن “يا ڪيريئر ذريعي” کي ختم ڪيو ويندو.

1950 جي ايڪٽ XXII جي دفعه 17 جي ترميم
Amendment of Section 17 of Act XXII of 1950

11.ڄاڻايل ايڪٽ جي دفعه 16 ۾:
(i)ذيلي دفعه (iii) لاءِ هيٺين ريت متبادل هوندو:
“(iii)فيڪٽري جو مالڪ ڪمند آبادگار طرفان ڪيس وڪرو ڪيل ڪمند جي واجب الادا رقم ۾ کا به ڪٽوتي نه ڪندو، سواءِ اهڙين ڪٽوتين جي، جيڪي بيان ڪيل هجن يا جيڪي حڪومت وقت بوقت نوٽيفڪيشن ذريعي اجازت ڏئي.”.
(ii)لفظن “يا ڪمند آبادگار ڪوآپريٽو سوسائٽي” کي ختم ڪيو ويندو.

1950 جي ايڪٽ XXII جي دفعه 18 جي ترميم
Amendment of Section 18 of Act XXII of 1950

12.ڄاڻايل ايڪٽ جي دفعه 17 ۾، هيٺين ريت تبديلي ڪئي ويندي:
“17.فيڪٽري جي مالڪ طرفان ڪمند خريد ڪرڻ لاءِ ڪنهن به واپار جي سلسلي ۾ ڪو ڪم ڪرڻ لاءِ يا ڪنهن ڪم جي قسم لاءِ ڪو ماڻهو يا ماڻهن جو طبقو ملازمت تي نه رکيو ويندو.”.

1950 جي ايڪٽ XXII جي دفعه 21 جي ترميم
Amendment of Section 21 of Act XXII of 1950

1950 جي ايڪٽ XXII جي دفعه 22 جي ترميم

Amendment of Section 22 of Act XXII of 1950

13.ڄاڻايل ايڪٽ جي دفعه 18 جي ذيلي دفعه (i) ۾، لفظن ”يا ڪمند آبادگار ڪوآپريٽو سوسائٽيز جو ميمبر“ کي ختم ڪيو ويندو.

1950 جي ايڪٽ XXII جي دفعه 23 جي ترميم

Amendment of Section 23 of Act XXII of 1950

14.ڄاڻايل ايڪٽ جي دفعه 21 ۾، لفظن ”پندرنهن هزار“ لاءِ لفظن ”هڪ لک“ کي متبادل بڻايو ويندو.

15.ڄاڻايل ايڪٽ جي دفعه 22 ۾:

(i)ذيلي دفعه (i) ۾، لفظن ”ڪليڪٽر يا“ کي ختم ڪيو ويندو؛

(ii)ذيلي دفعه (ii) ۾ لفظن ”يا ڪليڪٽر“ کي ختم ڪيو ويندو؛

(iii)ذيلي دفعه (iv) جي شق (c) ۾، لفظن ”ڪو عملدار جيڪو ڪليڪٽر جي عهدي کان گهٽ نه هجي“ لاءِ لفظن ”ڪين ڪمشنر“ کي متبادل بڻايو ويندو.

16.ڄاڻايل ايڪٽ جي دفعه 23 جي ذيلي دفعه (4) ۾، لفظن ”دفعات 8 ۽ 14(v)“ لاءِ لفظن ”دفعه 8“ کي متبادل بڻايو ويندو.

نوٽ: آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال

نٿو ڪري سگهجي.